SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريہ 1996

SINDH ACT NO.XV OF 1996

سنڌ فنانس ايڪٽ، 1996

THE FINANCE ACT, 1996

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1899

4. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act V of 1958

5. 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIII جي ترميم
Amendment of Sindh Act No.XIII of 1994

6. 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XVII جي ترميم
Amendment of Sindh Act No.XVII of 1994

7. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make Rules

سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريہ 1996

SINDH ACT NO.XV OF 1996

سنڌ فنانس ايڪٽ، 1996

THE FINANCE ACT, 1996

[14 جولاءِ 1996]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ٽيڪس ۽ ڊيوٽيز معقول بڻايا، لڳايا ۽ وڌايا ويندا.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ٽيڪس ۽ ڊيوٽيز معقول بڻائڻ، لڳائڻ ۽ وڌائڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ فنانس ايڪٽ، 1996 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي ۽ پهرين جولاءِ 1996 کان لاڳو ٿيندو.

وصفون

Definitions

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(b) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(c) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

3. اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، شيڊول I ۾:

(a) آرٽيڪل 1 لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

Amendment of Act II of 1899

"1. قرض جي اها رسيد جيڪا مقروض يا هن طرفان ڏني وڃي جيڪا لکت ۾ هجي ۽ دستخط ٿيل هجي، جيڪا ڪنهن بئنڪ جي ڪتاب ۾ انهيءَ قرض جي شاهديءَ طور پيش ڪئي وڃي ليڪن بئنڪس پاس بوڪ نہ هجي، يا ڪنهن الڳ ڪاغذ جي ٽڪري تي هجي جيڪو قرض ڏيڻ واري وٽ ڇڏيو وڃي، جڏهن رسيد ۾ اهڙو واعدو شامل نہ هجي تہ قرض ڪڏهن واپس ڪيو ويندو يا ان تي وياج ڪيترو ٿيندو، جڏهن ڪا شئي يا ملڪيت موٽائي ڏني وڃي:

(a) جتي اهڙي رقم هڪ سئو ۽ ست رپين کان وڌيڪ هجي پر پنج سئو رپين کان وڌيڪ نہ هجي، (هڪ رپيو)

(b) جتي اهڙي رقم پنج سئو رپين کان وڌيڪ هجي. (ٻہ رپيا)".

(b) آرٽيڪل 6 کانپوءِ هيٺين وضاحت شامل ڪئي ويندي:

"وضاحت: هن آرٽيڪل جي شق (1) جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٽائيٽل ڊيڊ کي جمع ڪرائڻ جي حوالي سان ڪو خط، نوٽ، يادداشت نامو لکت ۾ يا زباني طور تي هجي جيڪو قرض واپس ڪرڻ جي ٽائيٽل تشڪيل ڏيڻ جي وقت روبرو ڪيو ويو هجي يا ان کانپوءِ ڪيو ويو هجي ۽ پوءِ ڀلي اهو قرض جي سيڪيورٽي جي سلسلي ۾ هجي يا ڪنهن اضافي قرض جي سلسلي ۾ يا ان کانپوءِ ورتل قرض جي سلسلي ۾، اهڙو خط، نوٽ، يادداشت نامو يا تحرير، ڪنهن الڳ معاهدي جي غير موجودگي ۾ يا اهڙو ٽائيٽل ڊيڊز جمع ڪرائڻ جي سلسلي ۾ يادداشت نامي

جي معاهدي جي سلسلي ۾، ڪنهن فيصلي، ڊڪري يا ڪنهن عدالت جي حڪم يا ڪنهن اٿارٽي جي حڪم سان تضاد ۾ نه اچي ته ٽائيٽل ڊيڊز جي جمع ڪرائڻ جي سلسلي ۾ معاهدي کي گواهي طور سمجهيو ويندو.“

هن آرٽيڪل جي شق (1) جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ٽائيٽل ڊيڊ جي جمع ڪرائڻ جي سلسلي ۾ ڪو خط، نوٽ، يادداشت نامو يا ڪا لکت پوءِ اها لکت ۾ هجي يا سامهون ڪئي وڃي يا ٽائيٽل جمع ڪرڻ وقت يا ان کانپوءِ ڪئي وڃي، ۽ ڀل پوءِ اها پهرين قرض جي سڪيورٽي جي سلسلي ۾ هجي يا ڪنهن اضافي قرض جي سلسلي ۾ يا ان کان بعد ڪنهن قرضن جي سلسلي ۾، اهڙو خط، نوٽ، يادداشت نامو يا لکت، ڪنهن ڌار معاهدي جي غير موجودگي ۾ يا اهڙي ٽائيٽل ڊيڊس جمع ڪرائڻ جي سلسلي ۾ يادداشت نامي جي معاهدي جي سلسلي ۾، ڪنهن فيصلي، ڊڪري يا ڪنهن عدالت جي حڪم يا ڪنهن اٿارٽي جي حڪم سان ٽڪراءَ ۾ نه ايندي ، ٽائيٽل ڊيٽس جي جمع ڪرائڻ ۾ سلسلي ۾ معاهدي جي شاهدي طور سمجهي ويندي.“

(c) آرٽيڪل 6_A لاءِ، ان جي وضاحت ڪانسواءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

(A) هڪ ڊولپر، بلڊر، ڪوآپريٽو سوسائٽي، هائوسنگ سوسائٽي يا هائوسنگ اٿارٽي، يا ڪنهن ٻي بادي يا آرگنائيزيشن جيڪا رهائشي گهرن لاءِ پلاٽ يا ڪمرشل هنڌن جي تعمير لاءِ پلاٽ ڏيندي هجي، ان طرفان جاري ڪيل الاٽمينٽ آرڊر:

(i) رهائشي پلاٽن جي سلسلي ۾:	

(a) 200 اسڪوائر ياردس کان وڌيڪ پر 240 اسڪوائر ياردس کان وڌيڪ نہ هجي؛	اٺ رپيا في اسڪوائر يارڊ
(b) 240 اسڪوائر ياردس کان وڌيڪ پر 400 اسڪوائر ياردس کان وڌيڪ نہ هجي؛	ڏهہ رپيا في اسڪوائر يارڊ
(c) 400 اسڪوائر ياردس کان وڌيڪ	ٻارنهن رپيا في اسڪوائر يارڊ
(ii) ڪمرشل پلاٽس جي سلسلي ۾:	ويهہ رپيا في اسڪوائر يارڊ
(iii) 1500 اسڪوائر فٽ کان وڌيڪ ڪورڊ ايريا رکندڙ فليٽن جي سلسلي ۾	هڪ رپيو في اسڪوائر فٽ
(iv) بنگلن ۽ رهائشي گهرن جي سلسلي ۾:	پنج رپيا في اسڪوائر يارڊ
(v) تعمير ٿيل ڪمرشل احاطن جي سلسلي ۾:	ٽي رپيا في اسڪوائر فٽ
(B) ليز کان اڳ الاٽمينٽ آرڊرس جي منتقلي	مٿي ڄاڻايل شق A ۾ ڄاڻايل اگهن موجب اگهن جي اڌ برابر

(d) آرٽيڪل 10 جي شقن (b)، (c) ۽ (d) جي ڪالم 2 ۾، لفظن "پنج سئو رپيا"، "هڪ هزار رپيا" ۽ "هڪ هزار ۽ پنج سئو رپيا" لاءِ لفظن "هڪ هزار رپيا"، "ٻہ هزار پنج سئو رپيا" ۽ "پنج هزار رپيا"

ترتيبوار کي متبادل بڻايو ويندو:

(e) آرٽيڪل 19 جي ڪالم 2 ۾، لفظن "هڪ رپيو" لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"گهٽ ۾ گهٽ هڪ رپئي جي حوالي سان سرٽيفڪيٽ ۾ ڇاڻايل شرز جي فيس ويليو جو 0.25 سيڪڙو".

(f) آرٽيڪل 21 ۾، لفظن "پنجاهه پئسا" لاءِ لفظن "هڪ رپيو" کي متبادل بڻايو ويندو:

(g) آرٽيڪل 22_A لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"22(A) ٽيڪو جو مطلب، هڪ ٽيڪيدار طرفان حڪومت، ڪارپوريشن، لوڪل باڊي، لوڪل اٿارٽي سان ڪمرشل يا انڊسٽريل مقصد لاءِ ڪيل ڪو يادداشت ناموِ يا معاهدو، پوءِ اهو اڪيلي طور مالڪي هيٺ هجي يا سوسائٽي يا ٻي ڪنهن آرگنائيزيشن طرفان ڪنهن ڪمن يا فراهمي يا اسٽورز ۽ سامان جي ڪارٽيج يج شروعات لاءِ ۽ انجنيئرنگ ڪنسلٽنسي سروس فراهم ڪرڻ لاءِ يا ڪي ٻيون خدمتون سرانجام ڏيڻ لاءِ جيڪي مٿي ڪاغذن ۾ ڇاڻايل هجن، بشمول پرچيز آرڊر، ورڪ آرڊر، ڪارگو بل، ايئر لائن ٽڪيٽ، ريلوي ٽڪيٽ اي سي، رننگ ريٽ ڪانٽريڪٽ يا معاهدو لوڪل باڊيز متعلق آڪٽراءِ، ايڪسپورٽ ٽيڪس يا ٻي اوڳاڙي ۽ ٽيڪس جمع ڪرائڻ جو حق حاصل ڪرڻ لاءِ:

وضاحت:

(a) معاهدي جي صورت ۾ جڏهن خريد ڪرڻ جي قيمت يا خدمتون ڇاڻايل نه آهن، اسٽيمپ ڊيوٽي

ٽيڪي جي سالياني ملهه جي بنياد تي جمع ڪئي ويندي يا جيڪڏهن ٽيڪو گهٽ عرصي لاءِ آهي، پوءِ اهڙي گهٽ عرصي لاءِ؛

(b) اصل قيمت موجود نه هئڻ جي صورت ۾ ٽيڪي جو سالياني ڪٽيل ملهه استيمپ ڊيوٽي جي انگن اکرن لاءِ ورتو ويندو."

(h) آرٽيڪل 33 جي شق (b) جي ڪالم 2 ۾، لفظن "ساڳي ڊيوٽي جيڪا حلف نامي (نمبر. 4) موجب اوڳاڙي لائق آهي" کي لفظن "ڪانوينس (نمبر.23) تي اوڳاڙي لائق ڊيوٽي جو چوٿون حصو ملڪيت جي ملهه برابر غور لاءِ جيئن ڪليڪٽر طرفان دفعه A_27 تحت ڄاڻايل ويلوئيشن ٽيبل ۾ طئي ڪئي وڃي" کي متبادل بڻايو ويندو.

(i) آرٽيڪل 37 ۾، شقن (a)، (b) ۽ (c) سامهون داخلائن ۾، ڪالم 2 ۾، لفظن "ڏهه رپيا"، "پنجويهه رپيا" ۽ "هڪ سئو رپيا" لاءِ لفظن "هڪ سئو رپيا"، "ٻه سئو رپيا" ۽ "پنج سئو رپيا" کي ترتيبوار متبادل بڻايو ويندو؛

(j) آرٽيڪل 39 ۾، شقن (a) ۽ (b) ۾ داخلائن سامهون، ڪالم 2 ۾، لفظن "پنجهتر رپيا" ۽ "پنج سئو رپيا" لاءِ لفظن "ٻه هزار رپيا" ۽ "پنج هزار رپيا" ترتيبوار کي متبادل بڻايو ويندو؛

(k) آرٽيڪل 48 ۾، شقن (b)، (c) ۽ (d) ۾، داخلائن سامهون، ڪالم 2 ۾، لفظن "پنجهتر رپيا"، "هڪ سئو رپيا" ۽ "هڪ سئو رپيا" لاءِ لفظن "هڪ سئو

رپيا”، “ٻہ سئو رپيا” ۽ “ٽي سئو رپيا” کي ترتيبوار متبادل بڻايو ويندو.

(l) آرٽيڪل 52 جي ڪالم 2 ۾، لفظن “ٻہ رپيا” لاءِ لفظن “پنج رپيا” کي متبادل بڻايو ويندو.

(m) آرٽيڪل 53 لاءِ، سواءِ ڇوٽ جي، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act V of 1958

“53. رسيدون جيئن دفعہ 2(23) طرفان ڪنهن رقم يا ٻي ملڪيت لاءِ رقم يا ملڪهہ جيڪو:

(a) هڪ سئو ۽ ست رپين کان وڌيڪ هجي پر پنج سئو رپين کان وڌيڪ نہ هجي. (هڪ رپيو)

(b) پنج سئو رپين کان وڌيڪ هجي. (ٻہ رپيا)

(n) آرٽيڪل 55 ۾، شق (b) ۾ داخلا سامهون، ڪالم 2 ۾، لفظن “هڪ سئو رپيا” لاءِ لفظن “دفعہ 27_A تحت ڪليڪٽر طرفان ڄاڻايل ويلوئيشن ٽيبل موجب طئي ڪيل ملڪيت جي ملجهہ جي هر هڪ سئو رپين لاءِ ٻہ رپيا” سان متبادل بڻايو ويندو.

(o) آرٽيڪل 57 ۾، ڪالم 2 ۾، شق (b) جي سامهون داخلا ۾، لفظن “پنجاهہ رپيا” لاءِ لفظن “هڪ سئو رپيا” کي متبادل بڻايو ويندو.

(p) آرٽيڪل 62 جي شق (a) جي ڪالم 2 جي داخلا ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کاپوءِ هيٺين شرطيہ بيان جو اضافو ڪيو ويندو:

“بشرطيڪ شيئرز جي منتقلي جي صورت ۾ يا سينٽرل

ڊيپوزيٽري ڪمپني ذريعي ڊيوٽي شيئر جي فيس ويليو جي 0.10 سيڪڙو برابر هوندي.".

(q) آرٽيڪل 63_A کي ختم ڪيو ويندو.

4. سنڌ شهري غير منقوله ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾:

(i) دفعه 3 ۾، ذيلي دفعه (3) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(3) جتي عمارت قبضي هيٺ آهي ۽ رهائشي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندي هجي، اهڙي عمارت جي سالياني پاڙي جي ملهه جي ويهه سيڪڙو برابر ٽيڪس لڳائي، اوڳاڙي ۽ جمع ڪئي ويندي.".

(ii) دفعه 4 ۾:

(a) شق (d) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(d) عمارتون ۽ زمينون يا حصا جيڪي خاص طور تي لائبريريز لاءِ استعمال ٿيندا هجن؛".

(b) شق (f) ۾، لفظن ۽ ڪامائن "اسپتالون، ڊسپينسريون" کي ختم ڪيو ويندو.

(iii) دفعه 7_C کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"7_D. جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، زمينن ۽ عمارتن جو موجود بنيادي سالياني پاڙي جو ملهه ويهه سيڪڙو تائين گڏ ڪيو ويندو ۽ ٽيڪس ان سلسلي ۾ لڳايو ۽ جمع ڪيو ويندو. جيستائين نئين ويلوئيشن لسٽ لاڳو نه ڪئي وڃي.".

5. سنڌ فنانس ايڪٽ، 1994 ۾:

(1) دفعه 9 لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIII جي ترميم

Amendment of Sindh Act No.XIII of 1994

1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XVII جي ترميم

Amendment of Sindh Act No.XVII of 1994

"9. شين تي انفرااسٽرڪچر في: هڪ انفرااسٽرڪچر في شين جي صوبي ۾ داخل ٿيڻ يا صوبي کان ٻاهرين ملڪ، هوائي يا سامونڊي رستي وڃڻ تي لڳائي ۽ جمع ڪئي ويندي، اهڙن اگهن تي ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

وضاحت: هن دفعہ جي مقصدن لاءِ، لفظ "انفرااسٽرڪچر" ۾ شامل آهن، روڊس، گهٽيون، باريج، ڪلورٽس، رستن تي لائيٽون، رستن تي ٻوٽا، سامونڊي ڪنارا، ٻاءِ پاسز فرسٽ ايڊ سينٽرس، روڊ سائيڊ ريسٽ هائوسز، ريل روڊس تي حفاظت ۽ تحفظ ۽ ريلوي اسٽيشن سان جڙيل روڊن جي تعمير، شين جي بهتر آمد رفت لاءِ ٽرئفڪ تي ضابطو، پبلڪ آرڊر، پوليس فرس، شين جي حفاظت لاءِ پيٽرول، شين جي لوڊنگ ۽ ان لوڊنگ لاءِ اڏا، مارڪيٽون ۽ اهڙن ٻين معاملن جي ترقي، سڌاري، مرمت ۽ حفاظت جو ڪم.

9_A. توثيق: ڪجهہ ڪيل، قدم کنيل، تشخيص ڪيل يا جمع ڪيل، حڪم جاري ڪيل يا ڪجهہ ڪرڻ جو ارادو، کنيل، ڪيل، تشخيص، جمع ڪيل يا جاري ڪيل هن دفعہ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ يا سنڌ ڊولپمينٽ اينڊ مينٽيننس آف انفرااسٽرڪچر في رولز 1994 جي لاڳو ٿيڻ کانپوءِ، اٿارٽي طرفان ڄاڻايل قاعدن ۾ بيان ڪيل، ڪارگر طور تي ڪيل، کنيل، تشخيص ڪيل، جمع ڪيل يا جاري ڪيل سمجهيو ويندو ۽ هميشہ ايئن کي موثر سمجهيو ويندو."

6. سنڌ ايگريڪلچرل ٽيڪس ايڪٽ، 1994 ۾:

(a) دفعہ 2 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، شق (g) کي ختم ڪيو ويندو؛

(b) دفعہ 3 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"3(1) ڪا ٽيڪس نہ اوڳاڙي ويندي اهڙي زمين تي جيڪا سورنهن ايڪڙن کان گهٽ هجي:

بشرطيڪ هن ذيلي دفعہ ۾ شامل ڪجهہ بہ اهڙي مالڪ تي لاڳو نہ ٿيندو جنهن جي ٽوٽل زمين سورنهن ايڪڙن کان گهٽ جي ٽڪڙن ۾ ساڳي ديهہ واقع آهي يا مختلف ديهن ۾ سورنهن ايڪڙ آهي يا ان کان وڌيڪ آهي.

(2) ٽيڪس روڪ فصل واري ايراضي تي هيٺين اگهن تي لاڳو ٿيندو:

بئراج ايريا

(i) 16 ايڪڙ پر 50 ايڪڙ کان وڌيڪ نہ (20 رپيا في ايڪڙ)

(ii) 50 ايڪڙن کان وڌيڪ. (40 رپيا في ايڪڙ)

نان بئراج ايريا

(i) 16 ايڪڙ يا 50 ايڪڙن کان وڌيڪ نہ (10 رپيا في ايڪڙ).

(ii) 50 ايڪڙن کان وڌيڪ. (20 رپيا في ايڪڙ)

باراني ايراضي/واهي ڇاهي

(i) 16 ايڪڙ پر 50 ايڪڙن کان وڌيڪ نہ (5 رپيا في ايڪڙ)

(ii) 50 ايڪڙن کان وڌيڪ. (10 رپيا في ايڪڙ)

(c) دفعہ 6 کانپوءِ هيٺيون نئون دفعہ 6_A شامل ڪيو ويندو:

((1)6_A **ٽيڪس جو استعمال)** مخصوص ضلعي مان جمع ڪيل ٽيڪس خاص طور تي ساڳئي ضلعي جي ترقياتي

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make Rules

اسڪيمن خرچ ڪئي ويندي، ضلعي لاءِ صوبائي سالياني ترقياتي پروگرام ۾ شامل اسڪيمن سان اضافي طور تي.

(2) ٽيڪس اهڙيءَ ريت استعمال ڪئي ويندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.".

(7. خدمتن جي وڪري تي ٽيڪس) 7. "ٽيڪس لڳائي ۽ جمع ڪئي ويندي اهڙي قيمت تي جيڪا 0.5 سيڪڙو ڪان وڌيڪ نہ هوندي جيئن حڪومت طرفان ڄاڻايو ويو هجي، جيئن خدمتن تي رقم ٽريول ايجنٽس، ڪوريئرس، ڪيٽررس، هوٽلس (سواءِ روم چارجز جي)، ريسٽورنٽس، انجنيئرن، ڊاڪٽرن، وڪيلن، چارٽرڊ اڪائونٽنٽس، سرويئرس، آرڪيٽيڪٽس، بلڊرس اينڊ ڊولپرس، اسٽيٽ ايجنٽن، ڪار ڊيلرن، ڪليئرنگ ۽ فارورڊنگ ايجنٽن، شپنگ ايجنسين، اسٽيويڊرس، انڊينٽرس، ٺيڪيدارن ۽ نان فنڊ يا في بنيادن تي بئنڪن جي ڪمائي، مدرباز ليزنگ ڪمپنيز ايڊورٽائيزنگ ڪمپنيز انٽرپرائيز جيڪي سوفٽ ويئر، مئنيجنمينٽ، ڪنسلٽنٽ، ٽيڪس ڪنسلٽنٽس جون خدمتون سرانجام ڏيندا هجن، پورٽ سروسز ڏيندا هجن، سڪيورٽي سروسز انويسٽمينٽ بئنڪس، ڊولپمينٽ فنانشل انسٽيٽيوشنز اسٽاڪ بروڪرس، بروڪريج هائوسز ڪمپنيز جيڪي انويسٽمينٽ ايڊوائيزري سروسز ڏينديون هجن ۽ مني چينجرز ۽ ٻيون اهڙيون شيون جيئن بيان ڪيو ويو هجي.".

8. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي ۽ اهڙن قاعدن ۾ ٻيا معاملا هوندا، لڳائڻ، جمع ڪرڻ ۽ ادائگي جو طريقيڪار بنيان ڪندا ۽ هن

ايڪٽ تحت لڳايل ٽيڪس ۽ ڊيوٽيز کان ڇوٽ جو طريقيڪار هوندو.

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.